13-June-2019

رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ

# اعليٰ حضرت جو علم ۽ عمل

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اعليٰ حضرت جو علم ۽ عمل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

رسولِ اَکرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: منهنجو جيڪو اُمّتي اِخلاص سان مون تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو اللّٰه پاڪ ان تي ڏهه (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو، ان جا ڏهه (10) دَرَجا بلند فرمائيندو، ان جي لاءِ ڏهه (10) نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏهه (10) گناهه مٽائيندو.

(سنن ڪبريٰ،ڪتاب عمل اليوم ...الخ،باب ثواب الصلاة...الخ،٦/٢١،حديث:٩٨٩٢)

میری زبان تَر رہے ذِکر و دُرُود سے　　بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضول

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۲۴۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وجهي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ ڪان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذکُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل

جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه شَوَّالُ الْمُکَرَّم جو مبارڪ مهينو اسان جي وچ ۾ جلوه گر آهي. هي اهو عظيمُ الشّان مهينو آهي جنهن جي 10 تاريخ تي هر سال عاشقن جي امام، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاهه **امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيدائش جو ڏهاڙو سڄي دنيا ۾ وڏي شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويندو آهي. اچو! انهيءَ مناسبت سان اڄ اسان بہ سندن جي علمي مقام، ۽ سندن جي علمي خدمتن، فتاويٰ رضويہ ۽ ڪنزُالايمان جو مختصر تعارف ۽ سندن جي عملي زندگي جي ڪجهہ پهلوئن مان اسان بہ برڪتون وٺڻ جون سعادتون حاصل ڪنداسين، اچو! پهريان سندن جي علمي صلاحيت جو هڪ خوبصورت واقعو ٻڌون ٿا،

## بارگاهِ رسول جو عطيو

هڪ ڀيري اعليٰ حضرت جي خليفي، حضرت علامہ مولانا الحاج شاهه محمد هدايت رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ ٻيا عالم سڳورا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهه ۾ حاضر هئا، دنيا جي مشينن جي ايجاد جو تذڪرو ٿي رهيو هو، ان تي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايائون: الله (پاڪ) جي فضل سان بارگاهِ مُصطَفٰي مان مون کي اهڙي مشين عطا ٿي آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ عِلم جو سُوال چاهي ڪنهن بہ زبان ۾ هجي وجهو، ڪجهہ منٽن کان پوءِ ان جو صحيح جواب حاصل ڪري وٺو. مولانا هدايت رسول صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: حضور! اها مشين (Machine) مون کي بہ

ڏيکاريو. پوءِ امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايائون: ڪنهن ٻي موقعي تي ڏسي ونجو پر اهي امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيرن تي ڪري پيا ۽ روئڻهارڪا ٿي چيائون ته حضور! اسان ته هن مشين کي هينئر ئي ڏسنداسين. ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڳلي جا بٽن کولي ڇڏيا ۽ پنهنجي مبارڪ سيني جي زيارت ڪرائي پوءِ ارشاد فرمايائون: هي اها مشين آهي، جنهن جي باري ۾، مون ڳالهه ڪئي هئي، شاهه هدايت رسول صاحب اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ سيني کي چُمندي فرمايائون: صَدَقْتَ يا وَارِثَ عُلُوْمِ رَسُوْلِ الله وَ يا نَائِبَ رَسُوْلِ الله يعني اي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي علوم جا وارث ۽ اُنهن جا نائب! اوهان سچ فرمايو. (تجلیاتِ امام احمد رضا، ص۷۸ ملخصًا)

ياد رهي ته بزرگانِ دين رب ڪريم جي طرفان ملڻ وارين عطائن کي تحديثِ نعمت (نعمت جو چرچو ڪرڻ) جي لاءِ ذڪر ڪندا آهن ۽ اهو انهن کي ئي سونهي ٿو، هر هڪ کي ائين ڪرڻ جي اجازت ناهي .

علم کا چشمہ ہوا ہے موجزن تحریر میں — جب قلم تُو نے اُٹھایا اے اِمام احمد رضا
تُو نے باطل کو مٹا کر دِین کو بخشی جِلا — سُنّتوں کو پھر جِلایا اے اِمام احمد رضا
اے اِمامِ اہلسنّت نائبِ شاہِ اُمم — کیجئے ہم پر بھی سایہ اے اِمام احمد رضا

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۵۲۵)

مختصر وضاحت:... جڏهن به اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قلم کڻندا ها ته علم جا درياء وهائي ڇڏيندا ها، باطل کي متائي سنتن کي عام ڪرڻ جو تاج به سندن جي مٿي آهي، اي اعلٰي حضرت! ڪرم فرمايو ۽ اسان تي به پنهنجي ڪرم جي نظر فرمايو .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ اعليٰ حضرت! سُبْحٰنَ الله! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شان ڪيترو نرالو آهي جو سندن تي الله پاڪ جو بہ خاص فضل ۽ ڪرم آهي ۽ بارگاهِ مُصطَفٰي مان بہ سندن جو دامن عنايتن سان، عطائن سان، ڪرم نوازين سان پرپور آهي، بيان ڪيل واقعي مان چگّي طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو علمي مقام ڪيترو بلند هو جو جنهن هستي کان ڪنهن بہ علم جو سوال ڪنهن بہ زبان (Language) ۾ ڪيو وڃي ۽ ڪجهہ منٽن ۾ جواب ملي وڃي تہ ان هستي جي علم جي پرواز جي سطح بہ ڪيتري بلند هوندي. اچو! سندن جي علمي رُتبي کي سمجهڻ ۽ سندن جي ذڪر سان فيضياب ٿيڻ جي نِيت سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علمي مقام بابت وڌيڪ 3 واقعا ٻڌون ٿا، جيئن

1) حضور محدثِ اعظم هند ڪڇوڇويِ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اها شيء روزانو ڏسندا هئاسين تہ جواب مڪمل ڪرڻ جي لاءِ فقهي جُزئيات جي ڳولا ۾ جيڪي ماڻهو ٿڪجي پوندا هئا تہ (اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاه ۾) عرض ڪندا هئا، پاڻ انهيء وقت(ارشاد) فرمائيندا هئا تہ "رَدُّالمُحتار" جِلد فُلاڻي جي، صفحي فُلاڻي جي سِٽ (Line) فُلاڻي ۾ هنن لفظن سان مسئلو موجود آهي. "دُرِّمختار" جي فُلاڻي صفحي، لائن ۾ اها عبارت آهي، "عالمگيري" ۾ هن جلد ۽ صفحي ۽ لائن ۾ اهي لفظ موجود آهن. (انوارِ رضا، ص265)

2) مولانا محمد حسين ميرٺي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيمار ٿي پيا ۽ پاڻ لکڻ کان طبيب (ڊاڪٽر) منع ڪري ڇڏيو هو تہ هاڻي جيڪا فتويٰ لکڻي هوندي هئي ان جو ڪجهہ مضمون لکرائي مون کي فرمائيندا هئا: "الماڙيء مان فُلاڻو جلد ڪڍي اچ" اڪثر ڪتاب مصري ڇاپي

جا ڪيئي ڪيئي جلدن ۾ هئا، پوءِ مون کي فرمائيندا هئا: ”ايترا صفحا اٿلايو ۽ ڦُلاڻي صفحي تي هيٺرين سٽن کان پوءِ اهو مضمون شروع ٿيندو، ان کي هتي نقل ڪري ڇڏيو“. مان ڏسي ڪري پورو مضمون لکندو هئس ۽ ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي تہ سندن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اهو ڪڏهن وقت مليو جو جنهن ۾ صفحو ۽ سٽ ڳڻي ورتائون، مطلب اهو تہ سندن جو حافظو ۽ دماغي ڳالهيون اسان جي سمجهہ کان ٻاهر هيون.

(حيات ِ اعليٰ حضرت از مولانا ظفر الدين بهاري ،۱/ ۱۰۳مڪتبه نبويه)

(3) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي والدِ ماجِد رئيسُ المُتَڪلِّمِين (يعني اُنهن عالم سڳورن جا سردارجيڪي مذهبي معاملن کي عقلي دليلن سان ثابت ڪرڻ ۾ ماهر هجن) حضرت علامہ مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حڪم تي 1286 ھ مطابق 1869ء ۾ فتوائون لکڻ شروع ڪيون ۽ والد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پنهنجي فتوائن جي تصديق ڪرائيندا هئا، ستن سالن کان پوءِ انهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اجازت ڏئي ڇڏي تہ هاڻي مون کي فتوائون ڏيکارڻ بنا سوال ڪندڙن کي روانيون ڪندو ڪر، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن جي دنيا مان تشريف کڻي وڃڻ تائين پنهنجون فتوائون چيڪ ڪرائيندا رهيا، جيئن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ لکن ٿا: ’ستن سالن کان پوءِ مون کي فتويٰ جي اجازت عطا فرمايائون تہ هاڻي فتوائون لکان ۽ حضور(يعني پنهنجي والدِ ماجِد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) کي ڏيکارڻ کان بنا سوال ڪرڻ وارن کي موڪلي ڏيان، پر مون ان تي جرئت نہ ڪئي ايستائين جو ربّ ڪريم سندن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ذي القَعدَه ۱۲۹۷ ھ ۾ پاڻ وٽ گهرائي ورتو (يعني سندن وِصال ٿي ويو). (فتاويٰ رضويه ،۱ / ۹۴)

احمد رضا کا تازہ گُلستاں ہے آج بھی
خورشیدِ علم ان کادرخشاں ہے آج بھی

کس طرح اتنے عِلم کے دریا بہادیئے
عُلَمائے حق کی عقْل توحیراں ہے آج بھی

بھر دی دلوں میں اُلفت و عظمت رسول کی ‏ ‏ ‏ جو مخزنِ حلاوتِ ایماں ہے آج بھی

(مناقبِ رضا،ص٦٦)

**مختصر وضاحت:...** اعليٰ حضرت جي علم جو سج اڄ بہ روشن آھي، پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيْه علم جا اھڙا درياء وھايا جو عالمن جا عقل حِيران آھن ۽ محبت رسول جيڪا ايمان جي اصل آھي سندنرَحْمَةُ الله عَلَيْه ئي ماڻھن جي دلين ۾ بيدار ڪئي آھي.

اي عاشقانِ امام احمد رضا! ڏٺو اوھان! الله ڪريم اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله عَلَيْه کي ڪيتري بي مثال حافظي جي قوت عطا فرمائي ھئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيْه الله ڪريم جي ھن عظيم نعمت جو بھترين استعمال فرمايو ۽ ان جي ذريعي فتوائون لکي اُمّت تي عظيم احسان فرمايائون، جنھن جو واضح مثال سندن جي اڪثر فتوائن جو مجموعو ”فتاويٰ رضويه“ آھي جيڪو اُمّتِ مسلمه کي ڏينھن رات فيض ياب ڪري رھيو آھي. اچو! فتاويٰ رضويہ جو مختصر تعارف ۽ ان جي ڪجھ خصوصيتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

## فتاويٰ رضويہ جو تعارف

ياد رھي! ”فتاوي رضويه“ ۾ موجود ھر فتوٰي ۾ دليلن جو سمنڊ چوليون ھڻي رھيو آھي. فتاويٰ رضويہ جون 30 جِلدون آھن. جيڪي تقريباً ٻاويھ ھزار(22000) صَفحا، ڇھ ھزار اٺ سو سٺيتاليھ (6847) سُوالن جا جواب ۽ ٻہ سو ڇھ (206) رسالن تي مُشتَمِل آھن. جڏھن تہ ھزارين مسئلا ضِمناً زيرِ بَحث آيا آھن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله عَلَيْه 55 ڪان وڌيڪ عُلُوم تي دسترس رکڻ وارا اھڙا ماھر عالم ھئا جو ڪافي عُلُومِ عقليہ ۽ نقليہ تي سندن جون سوين تصنيفون موجود آھن، ھر تصنيف ۾ سندن جي علمي شان ۽ شوڪت، فقھي مھارت ۽ تحقيقي بصيرت جا جلوا نظر ايندا آھن، خاص ڪري فتاويٰ رضويہ تہ فِقہ جي

سمنڊ ۾ غوطو لڳائڻ واري جي لاءِ آڪسيجن جو ڪم ڏيندو آهي.

(اعليٰ حضرت ڪي انفرادي ڪوشش، ص٣-٢ بتغير قليل)

عِلم و عِرفاں کا جو کہ ساگر تھا　　خَیر سے حافِظہ قوی تر تھا

حق پہ مبنی تھا جس کا ہر فتویٰ　　واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

(وسائلِ بخشش، ص۵۷۵)

مختصر وضاحت:... اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شريعت ۽ طريقت جا سمنڊ هئا ۽ سندن جو حافظو به تمام مضبوط هو انهيءَ ڪري سندن جو هر فتوٰي حق تي ٻڌل هوندو هو، پوءِ چونه چئون ته اعليٰ حضرت جي ڇا ڳالهه آهي..

اچو! هاڻي ”فتاويٰ رضويه“ جي ڪجھ خصُوصِيتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

## فتاويٰ رَضَويہ جون خصوصِيتون

◈فتاويٰ رضويه ۾ علمِ حديث ۽ علمِ فقه جي ڪتابن جو ڀرپُور عِلم موجود آهي◈ فتاويٰ رضويه ۾ اڻ لڀ ۽ ناياب حوالن جو به جڳهه جڳهه تي ذِڪر ڪيو ويو آهي◈ فتاويٰ رضويه ۾ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ سوين موضوعن تي هزارين مسئلن جو حل عطا فرمايو ويو آهي. ◈ فتاويٰ رضويه ۾ فنّ رِياضي ۽ علمِ تَوقِيت سان گڏوگڏ علمِ ميراث جي باري ۾ به اڻ لڀ ۽ ناياب تحقيق موجود آهي◈ فتاويٰ رضويه ۾ ٻين (فقهي) مذهبن جي قوانين ۽ جُزئيات جو علم به شامل آهي ◈ فتاويٰ رضويه ۾ هر مسئلي ۾ قرآن ۽ سُنَّت جي پيروي جو اِهتمام ڪيو ويو آهي ◈ فتاويٰ رضويه ۾ بِدعتن ۽ مُنڪرات جو ايمان افروز رَدّ ڪيو ويو آهي◈ فتاويٰ رضويه جي سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي ته وڏن وڏن مُفتين سڳورن کي فقهي مسئلن جي مُعاملي ۾ وقت به وقت فتاويٰ رضويه جي ضرورت پوندي آهي، ڪيترائي مفتي سڳورا فتويٰ

ڏيڻ جي معاملي ۾ خاص طور تي فتاويٰ رَضويہ کان مدد وٺندا آهن ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه آئنده بہ وٺندا رهندا. (آئينۂ رضويات،حصه٢، ص٢٢٨)

حشر تک جاری رہے گا فیض مُرشِد آپ کا فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا
(وسائلِ بخشش مرمم،ص٥٢٥)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دِين جي خِدمَت جو نرالو جَذبو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صدرُالشّريعه مولانا محمدامجدعلي اعظميرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قرآنِ ڪريم جي صحيح ۽ سولي ترجمي جي ضرورت بيان ڪندي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ترجمو ڪرڻ جي گُذارش ڪئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واعدو بہ ڪري ورتو هو، پر دِيني مَسئلن ۾ تمام گهڻو مشغول هئڻ ڪري ترجمو ڪرائڻ ۾ دير ٿيندي رهي، آخرڪار پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: ترجمي جي لاءِ مون وٽ الڳ سان ڪو وقت ناهي، ان ڪري اوهان رات جو سمهڻ وقت يا ڏينهن ۾ قَيلُولَہ (يعني منجهند جو ٿورو آرام ڪرڻ) جي وقت ايندا ڪريو. پوءِ صدرُالشّريعه مُفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زباني قرآني آيتن جو ترجمو ڪرائيندا هئا ۽ صدرُالشّريعه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي لکندا ويندا هئا، پوءِ جڏهن حضرت صدرُ الشّريعه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ ٻيا عالم سڳورا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ترجمي جو تفسير جي ڪتابن سان ڀيٽ ڪندا هئا تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويندا هئا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اهڙي نموني بر وقت ترجمو ڪرائڻ تفسير جي معتبر ڪتابن جي بالڪل مُطابق هوندو هو. (فيضانِ اعليٰ حضرت،ص ٤٧٥)

احمد رضا کا تازہ گُلستاں ہے آج بھی　　خورشیدِ علم ان کا درخشاں ہے آج بھی
کس طرح اتنے عِلْم کے دریا بہا دیئے　　عُلَمائے حق کی عقل تو حیراں ہے آج بھی
(مناقبِ رضا، ص ٦٦)

مختصر وضاحت:... اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علم جو سج اڄ به روشن آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علم جا اهڙا درياء وهايا جو عالمن جا عقل حِيران آهن.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دِين جي خدمت جي حوالي سان ڪيتري قدر حساس هئا جو ايترين مَصروفيتن جي باوُجُود به اُمَّت جي آساني جي لاءِ نهايت عُمده ۽ بهترين قرآن جو ترجمو "ڪنزالايمان" ڪي لکائي ڇڏيو، جنهن کي عالمن سڳورن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين بالکل شريعت جي مُوافق ڏٺو. اچو! هاڻي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انهيءَ ترجمهِ قرآن "ڪنز الايمان" جون ڪجھ خُصُوصِيتون به ٻڌون ٿا، جيئن

## قرآن جي ترجمي ڪنزُالايمان جون خُصُوصيتون

◈ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڪ ۽ هند جا اهي عَظيم تَرين مُتَرجِم (ترجمو ڪرڻ وارا) آهن جنهن قرآنِ ڪريم جو اهڙو ترجمو پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ قرآن جي رُوح جي حقيقي جهلڪ مَوجُود آهي، حيرت ۽ تعجب جي ڳالھ اها آهي جو لفظي ترجمو هئڻ سان گڏوگڏ بامُحاوَره به آهي ۽ اها سندن جي تَرجَمي جي نهايت وڏي خُوبي آهي.

◈ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تَرجَمو ڪرائيندي وقت هن ڳالھ جو خاص خيال رکيو آهي ته ترجمو لُغَت جي مطابق هجي ۽ الفاظ جي مختلف مَعنائن مان اهڙِين معنائن کي چونڊيو وڃي جيڪا پهرين ۽ بعد واري آيت جي تعلُّق کي قائم رکي سگهي.

◈ ان ترجمي مان قرآني حقيقتون، عِلم ۽ مَعارِف جا اهي لڪيل راز ظاهر ٿين ٿا جيڪي عام طور تي ٻين ترجمن سان واضح نٿا ٿين.

◈ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ترجمي جي هڪ نُمايان خصُوصيت هي به آهي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هر مُبارڪ مقام تي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ادب ۽ اِحترام، عزّت ۽ پاڪدامني جو خاص طور لحاظ رکيو آهي. (فيضانِ اعليٰ حضرت،ص ٤٢٦)

◈ تَرجَمو **ڪنزُ الايمان** علم ۽ حڪمت جو خزانو ۽ ايمان جي حقيقي دولت آهي.

◈ تَرجَمو **ڪنزُ الايمان** ۾ احاديثِ مُبارڪ، تابعين ۽ تبع تابعين جا اقوال ۽ سلف صالحين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم اَجْمَعِين جي اعتماد لائق تفسيرن جو خُلاصو به مَوجُود آهي .

◈ ترجمو **ڪنزُ الايمان** دُنيا جو بهترين قرآن جو ترجمو آهي، جيڪو ڪنهن لائبريري ۾ ويهي يا ڪنهن ٻئي ترجمي کي ڏسي ڪري يا تفسِيرن ۽ حديثن يا لُغتن جي ڪتابن کي پڙهي ڪري ناهي ڪيو ويو بلڪ زباني لکرايو ويو آهي . (ماهنامه معارفِ رضا،ص87،ڪراچي ستمبرتا نومبر2008عيسوي)

خدمت قرآنِ پاک کی وہ لاجواب کی    راضی رضا سے صاحبِ قرآں ہے آج بھی
احمد رضا کا تازہ گُلستاں ہے آج بھی    خورشیدِ عِلم ان کا درخشاں ہے آج بھی

(مناقبِ رضا، ص٦٧)

مختصر وضاحت:...اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قرآن مجيد جي اهڙي خدمت ڪئي آهي جو صاحب قرآن، محبوب رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به سندس ڪان راضي آهن ۽ پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي علم جو سج اڄ به روشن آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! يقيناً قرآنِ ڪريم هڪ مڪمل زندگي جو ضابطو ۽ سلامتي ۽ اَمن سان زندگي گذارڻ وارن دُنيا جي تمام ئي مسلمانن جي لاءِ راهِ هدايت جو حقيقي چراغ آهي، جنهن جي مَفهوم ۽ مَطلب کي سمجهڻ جي لاءِ ان جو آسان ترجمو ٿيڻ ضروري آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه قرآنِ ڪريم جي رائج تمام اُردو ترجمن ۾ سڀ کان بهترين اُردو ترجمو "ترجمهءِ قرآن ڪنزالايمان" جنهن جو سنڌي ترجمو به آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي مصروف زِندگي مان ڪجهه وقت ڪڍي قرآنِ پاڪ جي تِلاوت ڪرڻ جو معمول بڻايون، جيئن اميراهلسُنَّت، ابوبلال محمد اِلياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ترجمو ۽ تفسير سان روزانو تلاوتِ قرآن جي لاءِ، اسلامي ڀائرن جي مدني انعام نمبر 21 ۾ فرمائن ٿا: **"ڇا اڄ توهان ڪنزُالايمان مان گهٽ ۾ گهٽ ٽي آيتون (ترجمو ۽ تفسيرسان گڏ) تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي؟"**

جيڪڏهن اسان هن مدني انعام تي روزانو عمل ڪيون ته قرآنِ ڪريم جي تلاوت جي برڪت سان اسان جي گهرن ۾ خير ۽ برڪت جو نُزول ٿيندو رهندو، ترجمو ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ جي برڪت سان علمِ دين ۾ اِضافو ٿيندو، قرآنِ ڪريم کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي، معلومات جو خزانو حاصل ٿيندو. مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيڻ واري 10جلدن تي مشتمل عظيم الشّان تفسير بنام "صِراطُ الجنان" جو به مطالعو ڪيو، هن تفسير ۾ به تمام سني انداز سان معلومات جو خزانو اُمّتِ مُسلمہ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي

وئي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دِيني خدمتون ايتري قدر قابلِ رشڪ آهن جو جنهن تي عوام تہ عوام عالمن جا عقل بہ حيران آهن. اچو! اعليٰ حضرت جي علمي ۽ عملي زندگي جو مختصر خاڪو ملاحظہ ڪريو،

## اعليٰ حضرت جي علمي ۽ عملي زندگي جون ڪجھ جهلڪيون

★**اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادتِ باسعادت 10شوَّالُ المُڪرَّم ڇنڇر جي ڏينهن ٿي .★**اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 4 سالن جي عمر ۾ ناظره قرآنِ پاڪ ختم ڪري ورتائون ۽ انهيء عمر ۾ فصيح (يعني خالص) عربي زبان ۾ گفتگو فرمائي.★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً ڇهن سالن جي عمر ۾ پهريون بيان فرمايو. ★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً ستن سالن جي عمر ۾ رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ شروع ڪيا. ★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً اٺن سالن جي عمر ۾ وراثت جي مسئلي جو شاندار جواب لکيائون. ★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً اٺن سالن ئي جي عمر ۾ نَحو جو مشهور ڪتاب **"هدَايةُالنَّحُو"** پڙهي ورتو ۽ ان جي عربي شرح بہ لکيائون. ★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تيرهن سال چار مهينا ۽ 10 ڏينهن جي عمر ۾ علومِ درسيہ کان فراغت ماڻي، دستارِ فضيلت ٿي، انهيء ڏينهن فتويٰ لکڻ جو باقاعده آغاز ڪيائون ۽ درس ۽ تدريس جي بہ شروعات ڪيائون. ★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جي** تقريباً اٺيهہ سالن جي عمر ۾ سنّتِ نڪاح ادا ٿي ۽ ازدواجي زندگي جي شروعات ٿي. ★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **کي** تقريبا 21 سالن جي عمر ۾ فتويٰ لکڻ جي باقاعده اجازت ملي.★ **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **کي** تقريباً 22 سالن جي عمر ۾ شرفِ بيعت ۽ تمام سلسلن جي

اجازت ۽ خلافت حاصل ٿي.* **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 22 سالن جي عمر ۾ پهريون اردو ڪتاب لکيو. * **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **کي** تقريباً 23 سالن جي عمر ۾ پهريون ڀيرو زيارتِ حرمين شريفين جو شرف حاصل ٿيو.* **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **کي** تقريبا 23 سالن جي عمر ۾ مکي پاڪ جي عالم سڳورن حديث جي اجازت ڏني.* **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 27 سالن جي عمر ۾ پهريون فارسي ڪتاب لکيو. * **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 31 سالن جي عمر ۾ 68 شعرن تي مشتمل مشهور ۽ معروف قصيده معراجيہ تحرير فرمايو.* **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 45 سالن جي عمر ۾ ڪتاب"**فتاوىٰ الْحَرَمَين**" لکيو. * **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 50 سالن جي عمر ۾ دارالعلوم منظرِاسلام جو بنياد رکيو. * **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **کي** تقريباً 51 سالن جي عمر ۾ ٻيهر زيارتِ حرمين شريفين جي سعادت حاصل ٿي ۽ انهيء سال مکي شريف ۾ ئي صرف 8 ڪلاڪن ۾ علمِ غيب مُصطفٰي تي مُشتَمِل عَرَبي رسالو لکيائون.

***اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 52 سالن جي عمر ۾ مکي ۽ مديني شريف جي عالم سڳورن کي سندِ اجازت ۽ خلافت عطا فرمائي ۽ انهيء سال مکي شريف ۾ ڪرنسي نوٽ بابت ڪتاب‌لکيو.

***اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 52 سالن جي عمر ۾ قصيدهٔ حضور جانِ نور (شکرِ خدا کہ آج گھڑی اس سفر کی ہے) لکيائون. * **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 52 سالن جي عمر ۾ بيداري ۾ ديدارِ مُصطفٰي جو شرف حاصل ڪيو ۽ انهيء سال ڪتاب حَسّامُ الحَرَمَين تحرير فرمايو.* **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 52 سالن جي عمر ۾ بابُ المدينہ ڪراچي کي پنهنجي آمد جو شرف بخشيائون. * **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 58 سالن جي عمر ۾ ترجمو قرآن ڪنزالايمان لکرائڻ شروع ڪيائون. * **اعليٰ حضرت**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 64 سالن جي عمر ۾ جماعت

رضاءِ مصطفيٰ جو بنياد رکيائون. * اعليٰ حضرتؒ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 66 سالن جي عمر ۾ زمين جي حرکت ۽ فلسفين (Philosophers) جي غلط نظرين جي رد ۾ تحقيقي رسالو تحرير فرمايو. *اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 67 سالن جي عمر ۾ ٻن قومي نظرين تي جامع ڪلام فرمايائون. * اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 68 سالن جي عمر ۾ آخري وصيتون لکرايون. علم ۽ فن جو اهو عظيم آفتاب 25 صفرالمظفر 1340ھ28 آڪٽوبر1921ء جو جمعة المبارڪ جي ڏينهن نيڪ اذانِ جمعه جي وَقت تقريبا 68 سالن جي عمر ۾ لهي ويو. الله ڪريم جي انهن تي ڪروڙين رحمتون هجن.

(ماخوذازحياتِ اعليٰ حضرت ،جهانِ رضا، سوانحِ امام احمدرضا، تجلياتِ امام احمد رضا ،تذڪره امام احمد رضا)

مولا بہرِ "حدائقِ بخشش" بخش عطّاؔر کو بِلا پُرسش
خُلد میں کہتا کہتا جائے گا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۵۷۲-۵۷۵)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلمِ دِين جا بي شُمار اهڙا قيمتي موتي عطا فرمايا جو جن سان اڄ بہ اُمّتِ مُسلِمَہ هدايت ۽ رهنمائي حاصل ڪري رهي آهي. سندس جون دِيني خدمتون اهڙيون هيون جو پاڻ درس ۽ تدريس جي ذريعي عِلم جي اڃايلن کي سيراب ڪيو. سندن فيضان سان مالا مال ڪيئي عالم سگورا تيار ٿيا. سندن جي فيضان سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِعاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهو ۽ 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو.

ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتيوار مدني مذاڪره" بہ آهي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ’’هفتيوار مدني مذاڪرو‘‘

ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني مذاڪرو“ بہ آهي. هن مدني ڪم جا بي شُمار ديني ۽ دُنياوي فائدا آهن، ☚**مدني مذاڪري جي** برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذِهن ملندو آهي.☚**مدني مذاڪري** جي برڪت سان علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي. ☚**مدني مذاڪري** جي برڪت سان دِيني معلومات (Islamic knowledge) سان گڏ اَخلاقي تربيت بہ نصيب ٿيندي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه ! هن مدني ڪم جي برڪت سان بيشُمار ماڻهو گناهن ڀري زندگي ڇڏي نيڪيون ڪرڻ وارا بڻجي ويا.

12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **”هفتيوار مدني مذاڪرو“** آهي، هن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي 72 صفحن تي مشتمل رسالي ” هفتيوار مدني مذاڪره“ جو مطالعو ڪريو. تمام ذميدارانِ دعوتِ اسلامي تہ هن رسالي جو لازمي مطالعو ڪن، اهو رسالو مڪتبتة المدينہ تي دستياب هُئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami .net تان بہ پڙهي سگهجي ٿو.

هن رسالي جي مطالعي جي برڪت سان اوهان کي خبر پوندي ☚مدني مذاڪري جي اهميت☚ اجتماعي مدني مذاڪري ۾ شرڪت جا طريقا ☚مدني مذاڪري جي باري ۾ اميرِ اهلسنت جا مدني گل ☚مدني مذاڪري جي باري ۾ مرڪزي مجلس شوري جا مدني گل ☚مدني مذاڪري جا 26 مدني گل ☚مدني مذاڪري جون شرعي ۽ تنظيمي احتياطون وغيره.

اچو! تَرغِيب لاءِ هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي نِيت ڪري وٺو،

### مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت

زم زم نگر حيدر آباد (بابُ الاسلام سندھ) جي علائقي ڦهليلي پار جي

رهائشي اسلامي ڀاءُ هونئن ته نندپڻ کان ئي دامَنِ عطّار سان وَابَستہ هو پر شيطان مردُود دُنيا جي پُر فَريب نظارن ۾ بُري طرح اُلجهائي رکيو هو. زندگي جا قيمتي مهينا ۽ سال غَفلَت ۾ گذري رهيا هئا جو خوش قسمتي سان هڪ ڀيري ڪنهن مُبَلِّغِ دَعوَتِ اِسلامي سان مُلاقات ٿي، جنهن ان کان پڇيو: ڇا اوهان اَميرِ اَهلِسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جا بيان ٻُڌندا آهيو؟ جواب ڏنائون: نه . ان تي اهو چوڻ لڳو ته اَميرِ اَهلِسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه فرمائن ٿا: جيڪو روزانو هڪ بيان ٻڌندو آهي مان ان سان خوش ٿيندو آهيان. هنن لفظن ان جي دل ۾ لڪيل پنهنجي مرشدِ ڪريم سان مَحبَّت کي بيدار ڪري ڇڏيو. پوءِ ان مَڪتَبَۃُ المَدِينہ تان جاري ڪيل 50 مَدَني مذاڪرن تي مُشتَمِل وي سي ڊي (VCD) خريد ڪئي ۽ روزانو هڪ مَدَني مُذاڪرو ٻڌڻ جي سَعَادَت ماڻڻ لڳو. اَميرِ اَهلِسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي پُرتاثير گفتگو جي بَرَڪت سان ڏينهو ڏينهن گناهن سان نَفرَت ۽ نيڪين سان مَحبَّت وڌڻ لڳي، اجان ڪجھ ئي مَدَني مُذاڪرا ٻڌا هئائين جو ان جي حُليي، ڪردار ۽ اَندازِ زِندَگي ۾ تبديلي اچڻ لڳي. ان کي نه صرف سُنّتن تي عَمَل جو جذبو مليو بلڪ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه اهو مَدَني ڪمن ۾ به دلچسپي وٺڻ لڳو. مطلب ته مَدَني مذاڪرن جي ذريعي ان جي اهڙي مَدَني تَربِيت ٿي جيڪا 26 سالن جي زندگي ۾ ڪڏهن به نه ٿي.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گُناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیَہ کارو آؤ گُناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پِلا کر مَئے عشق دیگا بَنا یہ تمہیں عاشِقِ مُصطَفٰے مَدَنی ماحول
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۶۴۸)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن ڪڏهن جنهن وٽ جيترو علم هوندو آهي، ان علم جي مطابق ان جو عمل يا تہ بلڪل ئي ناهي هوندو يا ان علم جي لحاظ کان ڪجهہ گهٽ ٿيندو آهي، پر قربان وڃجي اعلي حضرت امام اهلسنّت جي شان تان جو جتي پاڻ علم جا سمنڊ هئا، اتي عملي ميدان ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سندن سيرت جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اها ڳالهہ بلڪل واضح ٿي ويندي آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ننڍپڻ کان وٺي وصال تائين سڄي زندگي شريعت ۽ سنّت، عبادت ۽ رِياضت، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ خوفِ خُدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾ گذري آهي. پاڻ ننڍپڻ ئي کان عبادت ۽ رِياضت کي پنهنجي زندگي(Life) جو حصو بڻائي ورتو هو، اهو سبب آهي جو گهر ۾ هجن يا گهر کان ٻاهر، ماڻهن ۾ هجن يا اڪيلا بلڪ سخت بيماري جي عالَم ۾ بہ ڪڏهن عبادت ۾ ڪوتاهي نہ ڪيائون، جيئن تہ

## سخت بيماري ۾ بہ روزو

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خود فرمائن ٿا: ”هڪ سال رمضان المبارڪ کان ٿورو عرصو پهريان والد مرحوم حضرت رئيس الْمُتَکَلِّمِين سيّدُنا و مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خواب ۾ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: پٽ! ايندڙ رمضان المبارڪ ۾ توهان سخت بيمار ٿي پوندؤ، پر خيال رکجو ڪو روزو قضا نہ ٿيڻ گهرجي. واقعي پنهنجي والد صاحب جي ارشاد موجب رمضان المبارڪ ۾ آءٌ سخت بيمار ٿي پيس. پر ڪو روزو نہ ڇڏيم. اَلحَمدُلله! روزن جي ئي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ مون کي صحت عطا فرمائي ۽ صحت ڇو نہ ملي ها جو رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشادِ پاڪ بہ تہ آهي: ” صُوْمُوْا تَصِحُّوا یعني روزو رکو صحتياب ٿي ويندؤ.“ (دُرِّمَنثور ج ١ ص ٤٤٠)(ملفوظات، حصہ دوم، ص٢٠٦) ۽ جڏهن 1339هجري جو رَمَضان مئي،جون1921 ۾ آيو ۽ مسلسل بيماري ۽ تمام گهڻي ڪمزوري (Weakness) جي سبب اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي اندر هن سال جي

گرمي جي موسم ۾ روزو رکڻ جي طاقت نہ ڏني تہ پنهنجي حق ۾ فتويٰ ڏني تہ جبل تي سردي ٿيندي آهي، اتي روزو رکڻ ممکن آهي، تنهنکري روزو رکڻ جي لاءِ اتي وڃڻ اِستِطاعت جي ڪري فرض ٿي ويو. پوءِ پاڻ روزو رکڻ جي اِرادي سان ڪوهہ ڀوالي ضلعو نيني تال(رياست اتراکنڊ، هند) تشريف کڻي ويا. (تجليات امام احمد رضا ،ص ١٣٣)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جا اعليٰ حضرت فرائض جا ڪيترا پابند هئا جو سخت بيماري جي عالَم ۾ بہ روزو نہ ڇڏيائون. ياد رهي! جهڙي طرح اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه ننڍپڻ کان ئي روزا رکڻ شروع ڪيائون ۽ سڄي زندگي ڪو روزو نہ ڇڏيائون ايستائين جو رَمَضانُ المبارَڪ جا روزا رکڻ جي لاءِ جبل تي بہ تشريف کڻي ويا، اهو ئي حال سندن جي نماز جو بہ هو جو ننڍپڻ کان نماز جو اهڙو اِهتِمام ڪندا هئا جو سڄي زندگي ايستائين جو سخت بيماريءَ ۾ بہ ڪا نماز نہ ڇڏيائون. پاڻ نهايت ئي خشوع ۽ خضوع سان نماز ادا ڪندا هئا. سندن جي نماز جو حال بيان ڪندي مولانا محمد حسين چشتي مِيرٺي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

## اعلي حضرت ۽ نماز

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جيتري قَدَر اِطمينان، سُڪون ۽ مَسئلن جي رِعايت سان نماز پڙهندا هئا ان جو مِثال ملڻ مشڪل آهي. هميشہ منهنجون بہ رَڪعت ٿينديون هيون تہ سندن جي هڪ، جڏهن تہ منهنجون چار رَڪعتون ٻين ماڻهن جي 6 ۽ 8 رَڪعتن جي برابر هونديون هيون ۽ نماز جو ايتري قدر شوق ۽ جماعت جو ايترو خيال ڪندا هئا جو ڪڏهن ڪڏهن تہ بيماري جي ڪري اٿڻ، ويهڻ، هلڻ ڦرڻ نِهايت ڏکيو ٿي ويندو هو پر جڏهن نماز جو وقت ايندو هو تہ بنا ڪنهن سَهاري (Support) جي پاڻ ئي مسجد تشريف وٺي ويندا هئا ۽ ائين لڳندو هو جو پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه

چڱي طرح صِحت ياب آهن. (انوارِ رضا ،ص ۲۵۸)

هڪ ڀيري تمام گهڻو بيمار ٿي پيا، طبيعت ايتري خراب ٿي وئي جو وصيت نامو به سندن لکرائي ڇڏيو، تڏهن به نماز سان محبت جو حال اهو جو چار ماڻهو ڪرسي تي ويهاري مسجد کڻي ويندا هئا ۽ وري واپس آڻيندا هئا، پر سڀ نمازون مسجد ۾ ئي پڙهندا هئا. (فتاویٰ رضويه،۵۴۷/۹)

## گهلجندي جماعت جي لاءِ حاضر ٿيا

انهيءَ بيماري ۾ ”هڪ ڀيري مسجد وڃڻ وارو ڪو نه هو، جماعت جو وقت ٿي ويو. طبيعت پريشان، لاچار پاڻ ئي ڪنهن نموني گهلجندا حاضر ٿيا ۽ باجماعت نماز ادا ڪيائون. (عورتين ۽ مزارات ڪي حاضري،ص ۱۸)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اعليٰ حضرتﷺ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي باجماعت نماز سان ڪيتري مَحَبَّت هئي جو ڪنهن حال ۾ جماعت ڇڏڻ پسند نه هو، باجماعت نماز سان سندن جي مَحَبَّت جو عالم ته ڏسو شديد بيماري جي ڪري هلڻ ۾ مشڪل آهي، پر پوءِ به مسجد ۾ وڃي باجماعت نماز ادا ڪرڻ سندن جي خوبي هئي، هن ۾ انهن نادانن جي لاءِ عبرت جا مدني گل موجود آهن جيڪي نماز جي وقتن ۾ گهٽي جي ڪنڊن، چوڪن ۽ دڪانن تي ويهي فضول ڳالهين ۾ مشغول رهن ٿا، لاپرواهي جو اهو عالم آهي جو اَذانون ٿي وينديون آهن، نمازن جو وقت ختم ۽ بي نمازن جو وقت اچي ويندو آهي، پر افسوس! اهي نادان پنهنجي جڳهه تان ٿورو به چُرندا نه آهن، اهڙي طرح کي ماڻهو سُستي جو مظاهرو ڪندي بغير جماعت جي يا وري گهر ۾ ئي پڙهي وٺندا آهن.

ياد رکو: هر عاقل، بالغ تي جماعت واجب آهي، بنا شرعي عذر جي هڪ ڀيرو به ڇڏڻ وارو گناهگار ۽ جهنم جو حقدار آهي. (بهارِشريعت،حصه سوم،۵۸۲/۱ ملخصاً)

حضرت سَيِدُنا ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي سلطان

صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: منافقن تي سڀ کان وڌيڪ ڳري عشاء ۽ فجر جي نماز آهي ۽ انهن کي خبر هجي ها تہ هن ۾ ڇا آهي؟ تہ گهلجندا اچن ها ۽ بيشڪ مون ارادو ڪيو تہ نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ڏيان پوءِ ڪنهن کي حڪم ڪيان تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي ۽ مان پاڻ سان گڏ ڪجھ ماڻهن کي ساڻ ڪيان جن وٽ ڪاٺين جي ڀري هجي، انهن وٽ وڃي وڃان جيڪي نماز ۾ حاضر نٿا ٿين، ۽ انهن جا گهر اُنهن تي باھ سان ساڙي ڇڏيان.

(مسلم، كتاب المساجد ومواضع الصلاة،باب فضل صلاة الجماعة۔۔۔الخ،ص٢٥٦،حديث:١٤٨٢)

جيڪڏهن اسان مان ڪنهن کي ائين چيو وڃي تہ اوهان پنهنجو مال هتي وڪڻندو تہ 10 پيرا وڌيڪ فائدو ٿيندو جڏهن تہ ٻئي شهر ۾ هن تي 27 پيرا وڌيڪ فائدو ٿيندو تہ يقيناً اسان مان هر هڪ جي اها ئي ڪوشش هوندي تہ ان کي ٻي شهر ڪٺي ئي وڪڻيو وڃي. ٿورو سوچيو! دنياوي ۽ عارضي فائدي جي خاطر پري جو سفر ڪرڻ جي لاءِ بہ اسان جو ذهن ٺهجي ويندو آهي، پر هاءِ! ڪجھ قَدَم هلي ڪري مسجد ۾ اچي باجماعت نماز اَدا ڪري 27 پيرا وڌيڪ ثواب ڪمائڻ جو ذهن ناهي ٺهجندو. جي ها!جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلي نماز پڙهڻ کان 27 درجا وڌيڪ افضل آهي، جيئن

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشادفرمايائون: ”**صَلَاةُ الْجَمَاعَةِ تَفْضُلُ صَلَاةَ الْفَذِّ بِسَبْعٍ وَعِشْرِينَ دَرَجَةً** يعني باجماعت نماز ادا ڪرڻ، تنها اڪيلا نماز پڙهڻ کان ستاويھ (27) درجا وڌيڪ فضيلت رکي ٿي. “

(بخاري، كتاب الاذان، باب فضل صلاة الجماعة ،٢٣٢/١، حديث:٦٤٥)

اچو! بارگاھ الٰهي ۾ دعا ڪريون ٿا:

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت .. ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی

(وسائل بخشش مرمم،ص١٠٢)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مجلِس رابطہ بالعلماء

**اي عاشقانِ رسول!** باجماعت نمازن جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ فيضانِ غوث و رضا سان مالا مال عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي خدمتِ دين جي لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪريو. اَلْحَمْدُلِلّٰه دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ 107 شُعبن ۾ ڪان وڌيڪ شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. هنن شعبن مان هڪ شعبو " **مجلسِ رابطہ بالعلما** " بہ آهي هن شعبي جو بنيادي مقصد عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام، مثال طور مسجدن جي امامن ۽ خطيبن وغيره کي دعوتِ اسلامي جي دِيني خدمتن کان آگاھ ڪرڻ، مدني ڪمن ۾ انهن جي مدد حاصل ڪرڻ، انهن جون دعائون وٺڻ ۽ عاشقان رسول جي جامعات ۽ مدارس ۾ مدني ڪمن جي ترڪيب بنائڻ، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري، مختلف تربيتي اجتماعن ۾ سُنّي جامعات ۽ مدارس جي شاگردن کي شرڪت ڪرائڻ، انهن جي لاءِ مناسب خيرخواهي جو اِنتظام ڪرڻ آهي.الله ڪريم دعوتِ اسلامي ۽ مجلسِ رابطہ بالعلماء کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي ۽ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان سچي پڪي وابستگي نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حديثِ پاڪ جي باري ۾ مَدَني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي حديثِ پاڪ جي باري ۾ ڪجھ مَدَني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ مُلاحَظَ ڪريو: (1) فرمايائون: جيڪو شخص ديني معامَلات جي باري ۾ چاليس (40) حديثون ياد ڪري منهنجي اُمّت تائين پهچائيندو الله پاڪ (قِيامت جي ڏينهن) ان کي هن شان سان اٿاريندو جو اهو فقيہ هوندو ۽ مان قِيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس ۽ ان جي لاءِ شاهدي ڏيندس. ( مشكاة المصابيح، كتاب العلم، الفصل الثالث،۶۸/۱،حديث:۲۵۸ )

(2)فرمايا: الله پاڪ ان کي ترُوتازه (بارونق) رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي. (تِرمِذي، ۲۹۸/۴،حديث:۲۶۶۵) ★اسلام ۾ ڪلامُ الله (يعني قرآن) کان پوءِ ڪلامِ رسولِ الله (يعني حديثِ رسول) جو درجو آهي. (مرآة المناجيح،۲/۱) ★ هر انسان تي حُضور عَلَيه السَّلَام جي اِطاعت فرض آهي ۽ اها اِطاعت حديث ۽ سُنّت ڄاڻڻ بغير ناممڪن آهي.(مرآة المناجيح ، ۹/۱) ★ حديثن جي اِنڪار کان بعد قرآن تي اِيمان جي دعويٰ سراسر باطِل آهي.(نزهة القاري ،۱/ ۳ ۶)★ جيستائين اهو معلوم نہ ٿي وڃي تہ اها واقعي حديث مبارَڪ آهي، ان وَقت تائين بَيان نہ ڪريو.(فيضان فاروق اعظم ، ۲/ ۴۵۱)★پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: جيستائين توهان کي يقيني عِلم نہ هجي منهنجي طرفان حديث بيان ڪرڻ کان بچو، جنهن ڄاڻي واڻي مون ڏانهن ڪوڙ منسوب ڪيو ان کي گهرجي تہ هو پنهنجو ٺڪاڻو جهنم ۾ ٺاهي وٺي. (ترمذي، كتاب تفسير القرآن عن رسول الله،باب ماجاء في الذي۔۔۔الخ،۴۳۹/۴،حديث:۲۹۶۰)★ايس ايم ايس(SMS) جي ذريعي بغير حوالي جي ڪا بہ حديث اڳتي نہ موڪليو جيستائين ڪنهن عاشقِ رسول صحيحُ العقيده مُفتي صاحب يا ڪنهن عالِمِ دين کان تصديق نہ ڪرائي وٺو.

(فيضانِ فاروق اعظم،۴۴۰/۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَ الله! آئنده جمعرات ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ اسان جنهن موضوع تي بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، اهو آهي " مڪو شريف ۽ حج جون فضيلتون " اِنْ شَآءَ الله هن ۾ بيان مڪ مڪرمہ جون خصوصيتون بيان ڪيون وينديون، بيت الله شريف جي شان ۽ عظمت بابت ايمان افروز واقعو بيان ڪيو ويندو، ڪعبو شريف قبلو ڪيئن بڻيو؟ ۽ قبلي جي تبديلي جون حڪمتون بہ بيان ڪيون وينديون، حج جون فضيلتون، طواف جون فضيلتون ۽ مقبول حج جون نشانيون بہ بيان ڪيون وينديون. لهٰذا! **آئنده جمعرات بہ اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين ڪي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

### اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ الله

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

3...القول البدیع،الباب الثانی، ص277،

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيهِ رَحمَة اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. (1)

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنورصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِہٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ائين پڙھندو آھي. (2)

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنزِلهُ المَقعَدَ المُقَرَّبَ عِندَكَ يَومَ القِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آھي جيڪو شخص ھن درود شريف کي پڙھي تہ ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. (3)

## (1) ھڪ ھزار ڏينھن جون نيڪيون

جَزَی اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا ھُوَ اَھلُہٗ

---

1...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

2...القول البديع،الباب الاول،ص125

3... الترغيب والترھيب،کتاب الذکر و الدعاء،۲/۳۲۹،حديث:۳۰

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[1]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[2]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

[2] ... تاریخ ابنِ عساکر،۱۵۵/۱۹،حدیث:۴۴۱۵